# يادِ الٰهي

## ۽ ان جا طريقا

15-April-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

15 اپريل، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ذڪراللہ جي عادت ڪيئن بڻايون؟

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

✿... باعظمت روزيدار ڪير؟

✿... ڪثرت سان ذِڪر ڪرڻ جو قرآني حڪم

✿... غافِل تي شيطان مقرر ڪيو ويندو آهي

✿... ذِڪرُ الله جي ڪثرت سُنّتِ مصطفيٰ آهي

✿... ذِڪرُ الله جي عادَت ڪيئن بڻايون؟

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

**(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)**

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف

(ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هي چيو: جَزَي اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ تہ 70 ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تائين ان جي لاءِ نيڪيون لکندا رهندا.(1)

مومنو! پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر درود | ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل ترين عَمل آهي.(3)

اي عاشقانِ رسول! هر جائز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوتہ سٺي نيت انسان کي جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان بہ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويهندس ❖ بيان

1 ... معجم اوسط، جلد:1، صفحه:82، حديث:235ـ

2 ... قبالۂ بخشش، صفحه:164ـ

3 ... جامع صغير، صفحه:81، حديث:1284ـ

دوران سُستي کان بچندس ❖ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عظمت وارو روزيدار ڪير؟

حضرت سهل بن مُعَاذ رَضِیَ اللّٰہ عنہ پنهنجي والد صاحب کان روايت ڪن ٿا: هڪ ڀيري محفلِ نُور لڳل هئي، رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا، صحابي سڳورا عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان پڻ حاضِر هئا، هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہ عنہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! جهاد ڪرڻ وارن ۾ وڏيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَكْثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْراً يعني جيڪو الله پاڪ جو ڪثرت سان ذِڪر ڪري ٿو، اهو وڏيڪ عظمت وارو آهي. صحابي سڳوري رَضِیَ اللّٰہ عنہ ٻيو سوال ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! روزيدارن ۾ وڏيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ (مثال طور 100 ماڻهو آهن ۽ 100 جي 100 ڄڻن ئي روزو رکيو آهي، انهن مان وڏيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟) پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَكْثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْراً يعني جيڪو الله پاڪ جو ذِڪر ڪثرت سان ڪرڻ وارو آهي، هو وڏيڪ عظمت وارو آهي.

(اَللهُ اَكْبَر! ٻُک سيئي برداشت ڪري رهيا آهن، اُڃ سيئي برداشت ڪري رهيا آهن، روزو سيني جو ئي آهن، ان جي باوُجُود جيڪو روزيدار الله جو ذڪر وڏيڪ ڪثرت سان ڪري رهيو آهي، اهو وڏيڪ عظمت وارو آهي)

حضرت سهل بن مُعاذ رَضِیَ اللّٰہ عنہ فرمائن ٿا: اهي صحابي رَضِیَ اللّٰہ عنہ ايئن سوال ڪندا ويا، مثال طور يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! نمازين ۾ وڏيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ زڪوٰة ڏيڻ وارن ۾ وڏيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ ايئن هڪ هڪ عبادت جي باري ۾ سوال ڪندا ويا، ۽ پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم انهن سيني سوالن جو هڪ ئي جواب ارشاد فرمائيندا رهيا: اَكْثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْراً،

اَكۡثَرُهُمۡ لِلّٰهِ ذِكۡرًا يعني جيڪو الله پاڪ جو ذِڪر ڪثرت سان ڪري ٿو، اُهو وڏيڪ عظمت وارو آهي، جيڪو الله پاڪ جو ذِڪر ڪثرت سان ڪري ٿو، اُهو وڏيڪ عظمت وارو آهي.

يارِ غار ۽ يارِ مزار، يعني عاشقِ اڪبر، حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه حاضِر ٿيا، انهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه کي مخاطَب ٿئي چيائون: اي عمر! هونئن ته ذِڪرُ الله ڪرڻ وارا تمام ڀلائيون ئي ڪٽي ويا...! پياري آقا، امامُ الانبياء، معراج واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَجَل هائو! (يعني اي ابو بڪر! بلڪل ايئن ئي آهي، جيڪو ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪري ٿو، اهو تمام ڀلائيون ميڙي وٺي ٿو). (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! رمضان المبارڪ آهي، نيڪين جي بهار پري مُند آهي، هن مهيني ۾ نفلن جو ثواب فرضن جي برابر ۽ فرضن جو ثواب 70 ڀيرا وڌايو وڃي ٿو ۽ اسان حديثِ پاڪ به ٻُڌي ته روزيدارن ۾ وڏيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ اهو جيڪو الله پاڪ جو ذِڪر ڪثرت سان ڪري ٿو، غور فرمايو! جيڪڏهن اسان روزو به رکون ۽ ان سان گڏوگڏ ذِڪرُ الله جي ڪثرت به ڪندا رهون ته ڪيتريون وڏيڪ نيڪيون ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسين.

## ڪثرت سان ذِڪر نه ڪرڻ جا ڪجهه سبب

پر افسوس! غفلت...! دِل ۾ درد ناهي ❖ نيڪين جو حِرص نه هئڻ جي برابر آهي ❖ آخرت جي فڪر بابت گهٽتائي آهي ❖ فُضُوليات ۾ مصروف رهڻ جي عادَت آهي ❖ دُنيا جي محبت جڻ دِل ۾ وڏي چڪي آهي ❖ هر وقت بس دُنيوي سوچن ئي ۾ مَصرُوف رهون ٿا ❖ فضول ڳالهيون ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي اهڙي عادت پئي آهي جو بَس الله پاڪ جي پناهه! ❖ غيبت ❖ چغلي ❖ ڪوڙ پيو خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا گُناهه هي زبان اسان کان ڪرائيندي رهي ٿي، وڏيڪ رهي سهي ڪسَر سوشل ميڊيا ڪدي ڇڏي آهي، ڪڏهن اڪيلائي ۾ ويهڻ جو

---

[1]... معجم ڪبير، جلد:8، صفحه:481، حديث:16812۔

موقعو مِلي ٿو ته هڪدم موبائِل هٿ ۾ ڪري فيس بُڪ، يوٽيوب وغيره ۾ لڳي ويندا آهيون.

ڪاش! اسان نيڪين جا حريص بڻجي وڃون. رمضان المبارڪ جو بابرڪت مهينو آهي، خُوب خُوب روزا به رکون ۽ باعظمت روزيدار بڻجڻ جي لاءِ ذِڪرُ الله جي ڪثرت به ڪريون.

ميری زَبان تر رہے ذِکر و دُرُود سے | بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضُول[1]

## ڪثرت سان ذِڪر جو قرآني حڪم

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿۴۱﴾ (پاره:22، سورة احزاب:41)

ترجمو ڪنز الايمان: اي ايمان وارؤ! الله کي تمام گهڻو ياد ڪيو.

رسولِ اَڪرَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله جو ذِڪر ايتري ڪثرت سان ڪيو جو ماڻهو توهان کي ديوانو چَون.[2]

## هڪ انمول نصيحت

هڪ ڀيري سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه حاضِر ٿي عرض ڪيو: اِنَّ شَرَائِعَ الْاِسْلَامِ قَدْ كَثُرَتْ عَلَيَّ يعني يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! بيشڪ اسلام جا احڪام مون تي گهڻا ٿي ويا آهن، ڪو اهڙو عمل ارشاد فرمايو! جنهن کي مان مضبوطي سان پڪڙي وٺان. الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَايَزَالُ لِسَانُكَ رَطْبًا مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ يعني توهان جي زبان هميشه الله پاڪ جي ذِڪر سان تَر رهي.[3]

---

1 ... وسائل بخشش، صفحہ:۔

2 ... مسند امام احمد، مسند ابی سعید الخدری، جلد:5، صفحہ:189، حدیث:11971۔

3 ... ابن ماجہ، کتاب الادب، باب فضل الذکر، صفحہ:608، حدیث:3793۔

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: غالباً سائِل (يعني سوال پڇڻ واري صحابي رَضِیَ اللهُ عَنۡه) جو سوال نفل جي باري ۾ هو (تہ يا رَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم! نفل عبادتون ڪوڙ ساريون آهن، انهن مان ڪا هڪ عبادت ٻڌايو جنهن کي مان مضبوطي سان پڪڙي وٺان)، ان تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم هي جواب ڏنائون، مقصد هي آهي تہ هر وقت زبان تي ڪو ذِڪرُ الله جاري رهي. الله پاڪ اهڙي زِندگي نصيب ڪري.(1) اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم .

## حضرت مُعَاذ رَضِیَ اللهُ عَنۡه جي لاءِ آخري نصيحت

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جا تمام پيارا صحابي حضرت مُعاذ بن جبل رَضِیَ اللهُ عَنۡه آهن، پاڻ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حيات ۾ منهنجي اوهان سان جيڪا آخري ملاقات ٿي، ان وقت مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم! ڪهڙو عَمَل سڀ کان بهتر ۽ الله پاڪ جو وڌيڪ قُرب ڏيارڻ وارو آهي؟ الله پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَنْ تَمُوتَ وَلِسَانُكَ رَطْبٌ مِّنْ ذِكْرِ الله يعني اي معاذ! توهان کي موت هن حال ۾ اچي جو توهان جي زبان ذِڪرُ الله سان تر هجي.(2)

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مقصد هي آهي تہ هر وقت زبان تي ڪو ذڪر الله جاري رهي، خبر ناهي موت ڪڏهن اچي وڃي، جڏهن بہ ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام توهان جي جان ڪڍڻ اچي تہ توهان کي غافل نہ ڏسن، الله پاڪ اهڙي زندگي نصيب ڪري.(3)

---

1… مرآة المناجيح، جلد:3، صفحه:321۔

2… شعب الايمان، جلد:1، صفحه:393، حديث:516۔

3… مرآة المناجيح، جلد:3، صفحه:321۔

## ذِڪرُ الله جون مختلف صُورتون

اي عاشقانِ رسول! ذِڪرُ الله جون ڪوڙ صُورتون آهن ❖ مثال طور قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ بہ ذڪر آهي ❖ الله پاڪ جا پيارا پيارا پاڪيزه نالا زبان سان ادا ڪرڻ ❖ الله الله چوڻ ❖ يا رَحمٰنُ، يارَحمٰنُ جي تسبيح ڪرڻ ❖ يا غفّارُ، يا غفّارُ، يا سميعُ، يا سميعُ چوندو رهڻ، هي سڀ الله پاڪ جو ذڪر آهي ❖ ايئن ئي الله پاڪ جي نعمتن ۾ غور و فڪر ڪرڻ بہ ذڪر آهي ❖ الله پاڪ دُنيا بڻائي ❖ ان دُنيا جي عجائبن ڪي ڏسڻ ❖ ان جي ذريعي الله پاڪ جي شان ۽ عظمت ۽ قُدرت بابت غور ڪرڻ، هي اڪين جو ذڪر آهي ❖ ذِڪرُ الله ٻڌڻ ڪنن جو ذڪر آهي ❖ دل سان الله پاڪ جي ياد ۾ مصروف رهڻ دِل جو ذڪر آهي ❖ نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهڻ، ٻُڌڻ بہ ذڪر آهي ❖ الله پاڪ جي محبوب ٻانهن جون ڳالهيون ڪرڻ ❖ انهن جو ذِڪرِ خير ٻُڌڻ ❖ انهن جي سيرت پڙهڻ هي بہ ذڪر آهي ❖ ٻلڪ عالم سڳورا فرمائن ٿا: عبرت جي لاءِ الله پاڪ جي دشمنن جو اَحوال پڙهڻ ٻڌڻ بہ ذڪر ۾ شامل آهي. حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ذِڪرُ الله بالواسطہ بہ ٿئي ٿو ۽ بِلاواسطہ بہ، الله پاڪ جي ذات ۽ صِفتن جو تذڪرو يا انهن بابت سوچڻ بِلاواسطہ ذِڪرُ الله آهي، ان جي مَحبُوبن جو مَحبَّت سان چرچو ڪرڻ، ان جي دُشمنن جو برائي سان ذِڪر ڪرڻ، سيئي بِالواسطہ الله جو ذِڪر آهي، ڏسو! سڄو قرآن ذِڪرُ الله آهي پر ان ۾ ڪٿي تہ خدا جي ذات ۽ صفتون بيان ٿيون آهن، ڪٿي حُضُورِ انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون وصفون، ساراهون آهن، ڪٿي ڪافرن جو تذڪرو آهي.[(1)] ۽ قرآنِ ڪريم جي تِلاوت بهترين ذِڪر آهي، معلوم ٿيو: هي سيئي ڳالهيون ذِڪر ۾ شامِل آهن.

## ذِڪر ڇا کي چئبو آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هي سيئي ذڪر جون مختلف صورتون آهن، پر حقيقت

---

[1]... مرآة المناجيح، جلد:3، صفحہ:304 ملتقطاً۔

۾ ذڪر غفلت کي پري ڪرڻ جو نالو آهي يعني دل تان غفلت جو پردو هٽجڻ واري ڪيفيت آهي، هن ڪيفيت کي ذِڪر چئبو آهي. امام واسطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان سوال ٿيو: ذِڪر ڇا کي چئبو آهي؟ فرمايائون: اَلْخُرُوجُ مِنْ مَّيدَانِ الْغَفْلَةِ يعني غفلت جي ميدان کان نڪري وڃڻ جو نالو ذِڪر آهي.[1] مثال طور تي هڪ شخص ڪنهن گناهه جي ڪم ۾ مصروف آهي (مثال طور فلمون ڊراما ڏسي رهيو آهي)، اوچتو ان جي دل ۾ خيال اچي ٿو تہ عنقريب مون کي مرڻو بہ آهي، پنهنجي مالِڪ ڪريم، رَبُّ العٰلمين جي بارگاهه ۾ حاضِر بہ ٿيڻو آهي، هن خيال سان اهو گُنَاهه ڇڏي ڏي ٿو. هي آهي غفلت جي ميدان مان نڪرڻ، انهيء حالت ۽ ڪيفيت کي ذِڪر چيو ويندو آهي.

## ٻلي ۽ سچ چيو

شيخ ابو الحسن نُوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ۽ ڪامل ولي هئا، پري پري تائين سندن وِلايت جي شُهرت هئي، ماڻهو برڪت جي لاءِ سندن خدمت ۾ حاضِر ٿي فيض ماڻيندا هئا. هڪ ڀيري 2 دَرْوَيش پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان ملاقات جي لاءِ آيا، انهن مان هڪ درويش جانورن جي زبان سمجهندو هو، جڏهن هي ٻئي شيخ ابو الحسن نُوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي شهر ۾ پهتا تہ ڏٺائون: 2 ٻليون پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيون آهن. دروَيش ٻلين جي ڳالهہ ٻُڌي ۽ غمگين ٿي اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيهِ رَاجِعُوْن پڙهيائين. ٻئي درويش معاملو پڇيو تہ چيائون: هڪ ٻلّي ٻئي کي چئي رهي هئي: شيخ ابو الحسن نُوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فوت ٿي ويا آهن. ٻنهي کي ڏُک ٿيو، خير! ايترو پري کان آيا هئا، سوچيائون هاڻي جنازي ۾ شرڪت ئي ڪري وٺنداسين، ان ڪري اهي ٻئي شيخ ابو الحسن نُوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي گهر پهتا. اتي ڏسن ٿا تہ شيخ ابو الحسن نُوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻ انهن جي استقبال جي لاءِ اچي رهيا آهن، ٻئي ڏاڍو حيران ٿيا تہ هي ڇا ماجرو آهي؟ ٻلين سندن وفات جي خبر ڏني هئي، هي تہ زِنده سلامت آهن. شيخ ابو الحسن نُوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان جي حيراني ڏسي پڇيو: ڇا ڳالهہ آهي؟ اوهان حيران ڇو ٿي رهيا

[1]... رساله قشيريہ، صفحہ:257۔

آهيو؟ دَروَيش ٻلين جي گفتگو جي بابت ٻڌايو. شيخ ابو الحسن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ٻلين سچ چيو آهي. مان گهڙي ڪن جي لاءِ ذِڪرُ الله ڪان غافِل ٿي ويو هئس، بس انهيءَ وقت زمين ۽ آسمان ۾ هي اِعلان ڪيو ويو هو تہ اَبُو الحسن فوت ٿي ويا آهن، جنّ ۽ انسانن ڪان علاوه سموري مخلوق اهو آواز ٻُڌو. پوءِ فرمايائون: مون تي غفلت جي ڪيفيت گهڙي ڪن جي لاءِ هئي، الحمد لله! مون کي ٻيهر ذِڪر جي نعمت نصيب ٿي وئي.[1]

اي عاشقانِ رسول! هي آهي ذِڪر ۽ هي آهي غفلت...!! ذِڪر ڪرڻ وارو حقيقت ۾ زِنده آهي جڏهن تہ غافِل ايئن آهي جيئن مُردو.

## غافِل تي شيطان مقرر ڪيو ويندو آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ مَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ ﴿۳۶﴾

(پاره:25، سورهٔ زخرف:36)

ترجَمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو رحمٰن جي ذڪر ڪان منهن ڦيري تہ اسان ان تي هڪ شيطان مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون پوءِ اهو ان جو ساٿي رهندو آهي.

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: شيطان جي سُونڊ انسان جي دِل تي آهي، جڏهن انسان الله پاڪ جو ذڪر ڪندو آهي تہ اهو سُڪڙجي ويندو آهي، ۽ جيڪڏهن هو الله پاڪ جي ذڪر ڪان غافل ٿيندو آهي تہ شيطان ان جي دل کي گرهہ ٻڻائي وٺندو آهي.[2]

## مٿن تي ڪارا ڪانوَ ويٺا هئا

منقول آهي، هڪ مسلمان جِنّ حضرت امام ابو القاسِم قشيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو

---

1... مقاصد السالڪين، صفحه:187 و188 بتغير قليل۔

2... مسند ابی یعلی، جلد:3، صفحه:376، حديث:4301۔

دوست هو، هڪ ڏينهن هي ٻئي مسجد ۾ ويٺا هئا ۽ ماڻهو بہ موجود هئا، مسلمان جِنّ چيو: اوهان کي ڪجھ نظر اچي رهيو آهي؟ امام قشيري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ها! هي ماڻهو ويٺا آهن، مون کي نظر اچي رهيا آهن. جِنّ چيو: ان کان عِلاوه ٻيو ڪجھ نظر نہ پيو اچي؟ فرمايائون: نہ. هاڻي مسلمان جِنّ سندن اکين تي هٿ رکي، پوءِ هٽائي چيو: هاڻي ڏسو! امام ابو القاسِم قشيري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ماڻهن جي طرف نگاهہ ڪنئي تہ ڏٺائون تہ ماڻهن جي مٿن تي ڪارا ڪانوَ ويٺل آهن، انهن ڪانوَن جا وار گهٽا ڊگها آهن ۽ انهن وارن ڪنهن جي چهري کي ڍڪي رکيو آهي، ڪنهن جي اکين تائين آهن، ڪنهن جي نرڙ تائين آهن. امام قشيري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هي عجيب منظر ڏسي حيرت وچان پڇيائون: هي ڇا معاملو آهي؟ سندن دوست جِنّ اها آيت پڙهي:

| | |
|---|---|
| وَ مَنۡ یَّعۡشُ عَنۡ ذِکۡرِ الرَّحۡمٰنِ نُقَیِّضۡ لَهٗ شَیۡطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِیۡنٌ ﴿۳۶﴾ (پاره:25، سورهٔ زخرف:36) | ترجَمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو رحمٰن جي ذڪر کان منهن ڦيري تہ اسان ان تي هڪ شيطان مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون پوءِ اهو ان جو ساٿي رهندو آهي. |

۽ چيائين: هي اهي شيطان آهن جيڪي انهن تي مُسلط ڪيا ويا آهن. انهن مان جيڪو انسان غافِل ٿيندو آهي، ان جي مٿي تي شيطان ڪانوَ جي شڪل ۾ ويهي رهندو آهي، جڏهن اهو ذِڪر ڪرڻ لڳندو آهي تہ شيطان پري هٽي ويندو آهي.[1]

ذکرودُرودہرگھڑی ورد زباں رہے | میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

الله پاڪ اسان کي غفلت کان نجات نصيب فرماءِ. ڪاش! اسان هر گهڙي ذِڪر و فِڪر ۾ مَصرُوف رهڻ وارا بڻجي وڃون.

[1]... سبع سنابل، صفحه:253۔

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## ذِڪرُ الله جون فضيلتون

حضرت مُعَاذ بن جَبل رَضِیَ اللهُ عَنۡه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ سَفَر تي هئاسين، ان دوران ڪجھ گهوڙن تي سُوار صحابي سڀ کان اڳتي لنگهيا، ڪي پوئتي رهجي ويا، هن تي الله پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: يَا مُعَاذُ! اَيۡنَ السّابِقُوۡنَ اي مُعاذ! اڳتي لنگهڻ وارا ڪٿي آهن؟ مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪي اڳتي هليا ويا آهن، ڪي پوئتي اچي رهيا آهن. ان تي رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: يَا مُعَاذُ! اِنَّ السَّابِقِيۡنَ الَّذِيۡنَ يَسۡتَهۡتَرُوۡنَ بِذِكۡرِ اللهِ يعني اي مُعاذ! (حقيقت ۾) اڳتي وڃڻ وارا تہ اهي آهن جيڪي ذِڪرُ الله جو گهڻو شوق رکن ٿا.[1]

## عرش جي نُور ۾ ورتل شخص

مِعراج شريف جي حديثن ۾ آهي، الله پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مِعراج جي رات مون عرش جي نُور ۾ ويڙهيل هڪ شخص ڏٺو، مون پڇيو: مَنۡ هٰذَا؟ اَمَلَڪٌ؟ هي ڪير آهي؟ ڪو ملائڪ آهي؟ ٻڌايو ويو: نہ. مون چيو: اَنَبِيٌ؟ ڇا ڪو نبي آهي؟ چيو ويو: نہ. مون پڇيو: مَنۡ هُوَ؟ پوءِ هي ڪير آهي؟ جواب مليو (جنهن جو خلاصو آهي تہ) هي اهو شخص آهي جنهن جون ٽي صفتون آهن: (1): هن جي زبان هميشہ ذِڪرُ الله سان تَر رهندي هئي (2): هن جي دِل مسجد ئي جي طرف لڳل رهندي هئي (3): ۽ ان جي ڪري ڪڏهن ان جي والدين کي ٻُرو ڀلو نہ چيو ويو.[2]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ذِڪرُ الله جي ڪثرت، مسجد ۾ دِل

---

1 ... جَامِعُ العُلُوۡم والحِكَم ، صفحہ:451-

2 ... جَامِعُ العُلُوۡم والحِكَم، صفحہ:453-

لڳائي رکڻ ۽ والدين جي بي عزّتي جو سبب نہ بڻجڻ، هي ٽي صفتون ڪيتريون اعليٰ ۽ پسنديده آهن جو انهن وصفن واري شخص کي الله پاڪ بلند مقام عطا فرمايو ۽ اهو عرشِ اِلٰهي جي نُور ۾ ويڙهيل ڏنو ويو. الله پاڪ اسان کي بہ اهي ٽئي وصفون اپنائڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

## جنّت ۾ باغ لڳائڻ جو طريقو

حضرت ابو سليمان داراني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جنّت ۾ خالي زمين آهي. جڏهن ڪو شخص ذِڪرُ الله ڪري ٿو تہ ملائڪ ان جنّتي زمين ۾ ان جي لاءِ باغ لڳائڻ شروع ڪندا آهن، اهو شخص جيستائين ذِڪر ڪندو رهي ٿو، ملائڪ باغ لڳائيندا رهن ٿا، جڏهن بانهو رڪجي ويندو آهي تہ ملائڪ پڻ رُڪجي ويندا آهن.[1]

## الله پنهنجي ذاڪر جو ذِڪر فرمائي ٿو

سيپاري: 2، سُورهٔ البَقَرَه، آيت: 152 ۾ اِرشاد آهي:

| | |
|---|---|
| فَاذۡكُرُوۡنِیۡۤ اَذۡكُرۡكُمۡ وَ اشۡكُرُوۡا لِیۡ وَ لَا تَكۡفُرُوۡنِ ﴿۱۵۲﴾ (پاره:2، سورهٔ بقره:152) | ترجمو ڪنز الايمان: پوءِ توهان مون کي ياد ڪريو، مان توهان کي ياد ڪندس ۽ منهنجو شڪر ادا ڪريو ۽ منهنجي ناشڪري نہ ڪريو. |

تفسير نعيمي ۾ آهي: هن آيت سڳوري جو خُلاصو هي آهي ❖ تہ اي انسانو! منهنجو ذِڪر ڪيو! هن جو نتيجو اهو ٿيندو جو سڄي جهان ۾ توهان جو چرچو ٿيندو ❖ توهان اطاعَت ذريعي مون کي ياد ڪيو! مان توهان کي رحمت سان ياد ڪندس ❖ توهان مون کي دُعا سان ياد ڪيو! مان توهان کي عطا سان ياد ڪندس ❖ توهان مون کي حمد ۽ ثنا سان ياد ڪيو! مان توهان کي نعمت سان ياد ڪندس ❖ توهان مون کي دُنيا ۾ ياد ڪيو! مان توهان کي آخرت

---

[1]... رسالہ قشيريہ، صفحہ:259۔

۾ ياد ڪندس ❖ توهان مون کي راحت ۽ آرام ۾ ياد ڪيو! مان توهان کي مصيبت ۽ بلا ۾ ياد ڪندس ❖ توهان مون کي مجاهدي (يعني نيڪين ۾ ڪوشش) سان ياد ڪيو! مان توهان کي هدايت سان ياد ڪندس ❖ اي انسانو! توهان چئو: يا رَبّي (اي منهنجا رَبّ)، مان چوندس: عَبدِي (اي منهنجا ٻانها) ❖ توهان چئو: مان گنهگار آهيان، مان چوندس: مان غَفّار (يعني گهڻو بخشڻ وارو) آهيان.[1] حديثِ قدسي ۾ آهي، الله پاڪ اِرشاد فرمائي ٿو: ٻانهو منهنجو ذِڪر ڪري ٿو، مان ان سان گڏ هوندو آهيان، جيڪڏهن هُو دِل ۾ مون کي ياد ڪري، مان ان کي اڪيلو ئي ياد ڪندو آهيان، جيڪڏهن هُو مجمعي ۾ مون کي ياد ڪري مان ان کان بهتر مجمعي ۾ (يعني ملائڪن جي سامهون) ياد ڪندو آهيان.[2]

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ذِڪرُ الله ڪيتري عظيم عِبادت آهي جو جيڪو الله پاڪ جو ذِڪر ڪري ٿو، الله پاڪ پنهنجي شان جي لائق ان جو ذِڪر فرمائي ٿو. الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان ذِڪرُ الله جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

## قُربِ اِلٰهي ڏيارڻ وارو عمل

امام قُشَيرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: منهنجي اُستاد صاحب فرمايو: لَا يَصِلُ اَحَدٌ اِلَي اللهِ اِلَّا بِدَوَامِ الذِّكْرِ يعني ٻانهو الله پاڪ تائين صِرف ۽ صِرف ذِڪرُ الله تي هميشَگي اختيار ڪرڻ سان ئي پهچي سگهي ٿو.[3]

مانند شمع تیری طرف لو لگی رہے
دے لطف میری جان کو سوز وگداز کا[4]

---

[1]… تفسیر نعیمی، پارہ:2 ، سورۂ بقرہ، زیرِ آیت:152، جلد:2، صفحہ:72۔

[2]… بخاری، کتاب التوحید، باب قول الله تعالٰی ویحذرکم الله نفسه ، صفحہ:1787، حدیث:7405.

[3]… رسالہ قشیریہ، صفحہ:256۔

[4]… ذوقِ نعت، صفحہ:18۔

## غلام کي بادشاهه بڻائڻ وارو عَمَل

مشهور صُوفي بزرگ حضرت مولانا روم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

گَرْ تُوْ خَوَاهِي زِيْسْتَنْ بَاآبْرُوْ | ذِكْرِ اُوْ كُنْ ذِكْرِ اُوْ كُنْ ذِكْرِ اُوْ
هَرْ گَدَا رَا ذِكْرِ اُوْ سُلْطَان كُنَدْ | ذِكْرِ اُو بَس زَيْوَرِ اِيْمَان بَوَد
هَرْ كِهْ دِيْوَانَه بَوَدْ دَرْ ذِكْرِ حَقْ | زِيْرِ پَائِشْ عَرْش وكُرْسِي نُه طَبَق

مفهوم: باعزّت زِندگي گُذارڻ چاهيو ٿا تہ ذِڪرُ الله ڪيو! ذِڪرُ الله ڪيو! ذِڪرُ الله ڪيو! الله جو ذِڪر فقير کي بادشاهه بڻائي ڇڏي ٿو، خلاصو هي آهي: ذِڪرُ الله ايمان جو زيور آهي، جيڪو الله جي ذِڪر ۾ ديوانو ٿي وڃي، عرش ۽ ڪرسي ۽ تمام طبقات ان جي پير (يعني قدرت) هيٺ اچي ويندا آهن.

## ذِڪرُ الله جي ڪثرت سُنّتِ مصطفيٰ آهي

اُمُّ المُؤمِنِين حضرت عائشہ صديقہ، طيبہ، طاهره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر وقت ذِڪرُ الله ۾ مَصرُوف رهندا هئا.[1]

مڪتبة المدينہ جي ڪتاب سيرتِ مصطفيٰ ۾ آهي: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عادتِ مبارڪ هئي تہ ❖ اُٿندي ويهندي ❖ هلندي ڦرندي ❖ ڪائيندي پيئندي ❖ سمهندي جاڳندي ❖ وُضو ڪندي ❖ نوان ڪپڙا پائيندي ❖ سوار ٿيندي ❖ سواري تان لهندي ❖ سفر ۾ ويندي ❖ سفر تان واپس ٿيندي ❖ مسجد ۾ ايندي ويندي ❖ طوفان، برسات، بجلي ڪڙڪڻ وقت غرض هر وقت ذِڪرُ الله جاري رکندا هئا ۽ مختلف دُعائون سندن زبان تي رهنديون هيون ❖ خوشي ۽ غمي جي وقتن ۾ ❖ صبح کان شام تائين ڪهڙو اهڙو موقعو هو جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪا دُعا نہ پڙهندا هئا ❖ ڏينهن جو ئي نہ، بلڪ رات جي خاموشين ۾ بہ دُعا ۽ ذِڪرِ اِلٰهي ۾ مشغول رهندا هئا

---

[1]... بخاري، ڪتابُ: الاذان، صفحہ:221۔

❖ ايستائين جو وفات مهل بہ سندن مبارڪ زبان تي دُعا جارِي هئي.[1]

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! زبان کي ذِڪرُ الله سان تَر رکڻ، فضوليات کان بچندي الله پاڪ جي ذِڪر ۾ مَصرُوف رهڻ بہ سُنّت آهي. الله پاڪ اسان کي باقِي سُنتن سان گڏوگڏ هن پياري پياري سُنّت کي اپنائڻ جي بہ توفيق عطا فرمائي.

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ذِڪرُالله جي ڪثرت ڪرڻ وارن جون مختصر حڪايتون

الحمد لله! اسان جا بزرگانِ دين (يعني الله پاڪ جا نيڪ ٻانها) بہ ڪثرت سان الله پاڪ جو ذِڪر ڪندا هئا، مسلمانن جو چوٿون خليفو حضرت علي المرتضي رَضِيَ اللهُ عَنه فرمائن ٿا: صحابي سڀَورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو مبارڪ انداز هو تہ ذِڪرُ الله ٻُڌي ايئن جهومندا هئا جيئن تيز هوا سان وڻ لُڏندو آهي ۽ يادِ اِلٰهي ۾ انهن جا لڙڪ نڪري پوندا هئا.[2] صحابيء رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنه وٽ هڪ ڌاڳو هو، ان ۾ ٻه هزار ڳنڍيون لڳايون هيون، ٻاڻ ان وقت تائين نہ سمهندا هئا جيستائين ان (تسبيح نما) ڌاڳي تي ذِڪرُ الله نہ ڪندا هئا. حضرت خالِد بن مَعْدان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تِلاوتِ قرآن سان گڏوگڏ سڄي ڏينهن ۾ 40 هزار تسبيحات پڙهندا هئا، جڏهن سندن انتقال ٿيو، کين غسل ڏيڻ جي لاءِ تختي تي لٽايو ويو تہ ان وقت بہ سندن آڱريون چري رهيون هيون (جڻ ٻاڻ ان وقت بہ آڱرين جي پورن تي ذِڪرُ الله ڪري رهيا هئا). حضرت عمير بن هاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو، اوهان جي زبان ڪڏهن (ذِڪرُ الله کان) رُڪندي نہ آهي، اوهان روزانو ڪيتريون تسبيحون پڙهو ٿا؟ فرمايائون: 1 لک.[3]

---

1... سيرت مصطفےٰ صلى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ، صفحہ:598 بتغير قليل۔

2... جَامِعُ العُلُوْم والحِكَم ، صفحہ:455۔

3... جَامِعُ العُلُوْم والحِكَم ، صفحہ:453 و454۔

حضرت ابو عبد الرحمٰن سُلَمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ وَلِي الله هو، اهو ڪثرت سان الله، الله پڙهندو هو، هڪ ڀيري سندن متي تي ڪا شيءِ لڳي، متي مان رت وهڻ لڳو، سُبْحٰنَ الله! سندن رت زمين تي ڪريو تہ ان سان الله لکجي ويو.[1]

الله پاڪ اسان کي بہ ڪثرت سان ذِڪرُ الله ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

میری زبان تَر رہے ذِکْر و دَرُود سے | بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضُول[2]

## ذِڪرُ الله جي عادَت ڪيئن بڻايون؟

هڪ ڀيري الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: ياالله پاڪ! مان اهڙي عبادت ڪرڻ چاهيان ٿو، جنهن ۾ گهٽي مشقت ڪرڻي پوي. الله پاڪ فرمايو: اي موسيٰ! وڏي آواز سان منهنجو ذِڪر ڪريو.

هاڻي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تہ الله پاڪ جا نبي آهن، پاڻ جڏهن الله پاڪ جو ذِڪر ڪيو تہ مشقت جا ڏيٺي هئي، ڪين تمام گهڻو لُطف مليو، پاڻ ٻئي ڏينهن ذِڪر ڪيو تہ پهرين ڏينهن کان بہ وڌيڪ لذّت ملي، اهڙي طرح جيئن جيئن پاڻ ذِڪر ڪندا رهيا، لذّت ۾ اِضافو ٿي ٿيندو رهيو، پاڻ الله ڪريم جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائين: ياالله پاڪ! مان تہ اهڙي عِبَادت چاهيان ٿو جنهن ۾ گهٽي مشقت ڪٽڻي پوي، تنهنجي ذِڪر ۾ تہ گهڻو لُطف آهي. الله پاڪ فرمايو: موسيٰ! هي تہ منهنجي اوهان تي مهرباني آهي جو اوهان کي منهنجي ذِڪر ۾ لذّت اچي ٿي، نہ تہ فِرعَون کي ڏسو! ان پنهنجو تاج ۽ تخت، قُوّت ۽ سلطنت سڀ برباد ڪري ڇڏيو، درياءِ ۾ غرق ٿيڻ تہ قبول ڪيائين پر هڪ ڀيرو بہ

---

[1]… رساله قشيريہ، صفحہ:260۔

[2]… وسائلِ بخشش، صفحہ:243۔

منهنجو نالو زبان تي آڻڻ پسند نہ ڪيائين.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ذِڪرُ الله جون فضيلتون ڪوڙ آهن، ان سان گڏوگڏ ذِڪرُ الله مَشَقّت ڀري عبادت بہ آهي، جيڪڏهن اسان ذِڪرُ الله جي عادَت اپنائڻ چاهيون ٿا تہ هن جي لاءِ اسان کي گهٽ کجهہ ڇڏڻو بہ پوندو ❖ فُضُول ڳالهائڻ کان زبان کي روڪڻو پوندو ❖ بُري صحبت بہ ڇڏڻي پوندي ❖ جيڪي پان، گٽڪو وغيره کائن ٿا، انهن کي پان گٽڪي کان ڇوٽڪارو حاصِل ڪرڻو پوندو ❖ سوشل ميڊيا جو استعمال صرف ۽ صرف ضرورت جي لاءِ ڪرڻو پوندو، اهڙين سڀني فُضُوليات جي قرباني ڏيڻي پوندي، تڏهن ئي تہ ذِڪرُ الله جي طرف تَوَجُّهہ رهندو، پوءِ ئي ڪٿي وڃي هميشہ ذِڪر ۽ فِڪر ۾ مشغول رهي سگهنداسين.

الحمد لله! شيخِ طريقت، امير ِاهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه نيڪين جو بيمثال جذبو رکن ٿا، هڪ ڀيري پاڻ عمامو شريف ٻڌي رهيا هئا، ان دوران سندن مبارڪ چَپ چُري رهيا هئا، پڇڻ تي فرمايائون: مان الله، الله پڙهي رهيو آهيان، تہ جيئن عِمَامو ٻڌڻ سان گڏوگڏ ذِڪرُ الله بہ ٿيندو رهي. شيخِ طريقت، امير ِاهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه هڪ ڀيري مدني مذاڪري ۾ فرمايائون: پان اينٽي (ابتڙ) ذِڪر ۽ درود آهي (يعني پان وات ۾ رکي ذِڪر نٿو ٿي سگهي)، ان ڪري مان پان ناهيان کائيندو.

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جون ادائون ئي نراليون هونديون آهن. الله پاڪ اسان کي بہ توفيق بخشي، اسان فضوليات کان بچون، زبان کي فضول گوئي کان بچايون، پان وغيره جي عادَت آهي تہ ان مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيون ۽ هر وقت ذِڪرُ الله ۾ مَصرُوف رهڻ جي عادت اپنايون.

## ذِڪرُ الله جي ڪثرت جي لاءِ

عَلّامہ ابنِ رجب حنبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏينهن جو اڪثر حِصّو ذِڪرُ الله ڪندي گذارڻ جو تمام پيارو نسخو ڏنو آهي، اچو! هن جو خُلاصو ٻڌون ٿا:

[1] ... سبع سنابل، صفحہ:260۔

❖ ڏينهن رات ۾ پنج نمازون فرض آهن، يقيناً نماز بہ ذِڪرُ الله ئي آهي، لھٰذا پنج ئي نمازون، اَوَّل آخر جي سُنّتن ۽ نفل سان ادا ڪريو، هن سان اسان جا ڏيڍ کان 2 ڪلاڪ ذِڪرُ الله ۾ گذرندا ❖ انهن پنج ئي نمازن ۾ 3 نمازون اهي آهن، جن جي وچ ۾ وقفو ڪافِي گهڻو آهي، عِشاء کان فجر جي وچ ۾ ڪافي وقت آهي، اهڙي طرح فجر کان ظهر تائين ڪافِي وقت بچي ٿو، لھٰذا عِشاء ۽ فجر جي وچ ۾ ڪجھ نفل پڙهڻ جي عادَت بڻايو، زهي نصيب! رات جو سمهڻ کان پهريان بہ ڪجھ نہ ڪجھ نفل ادا ڪيا وڃن ۽ ڪاش! تهجد جي عادَت بڻجي وڃي، ايئن فجر ۽ ظهر جي وچ ۾ اشراق و چاشت جا نفل آهن، هي نفل پڻ پابندي سان ادا ڪيا وڃن. ان سان گڏوگڏ هڪ ٻيو ڪم ڪريون، اهو هي تہ هر نماز کان بعد ڪجھ نہ ڪجھ ذِڪرُ الله جي عادَت بڻائي وڃي، مثال طور هر نماز کان بعد تسبيحِ فاطمہ (يعني 33 ڀيرا سُبْحٰنَ الله، 33 ڀيرا اَلْحَمْدُ لله ۽ 34 ڀيرا الله اَڪبَر) پڙهي وٺون، سورت اِخلاص پڙهون، آيۃُ الڪرسي پڙهون، زهي نصيب! هر نماز کان بعد ڪم از ڪم هڪ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻائي وڃي. ايئن ڏينهن جو ڪم و بيش هڪ چوٿائي حِصو ذِڪرُ الله ۾ گذرندو ❖ ڏينهن ۽ رات ۾ 2 وقت گهڻا اهم آهن، هڪ فجر کان بعد جو وقت، ٻيو عصر کان بعد جو وقت، الله پاڪ هن وقت ذِڪر ڪرڻ بابت خاص تاڪيد ڪيو آهي، جيئن ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَ سَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَ قَبْلَ غُرُوْبِهَا ۚ (پاره:16، سورهٔ طٰه:130) | ترجَمو ڪنزُ العرفان: ۽ سج اڀرڻ کان اڳ ۽ ان جي غروب ٿيڻ کان اڳ پنهنجي رب جي ساراهيندي سندس پاڪائي بيان ڪندو رهہ. |

لھٰذا انهن ٻنهي وقتن ۾ خصوصيت سان ڪجھ ذِڪر و اَذڪار مقرر ڪيا وڃن، مثال طور تِلاوتِ قرآن جي عادت بڻائي وڃي، چاهيو تہ پنهنجي پير صاحِب جو عطا ڪيل شجرو شريف ۽ ڪجھ اوراد و وَظائِف پڙهي وٺو ❖ اهڙي طرح مغرب ۽ عشاء جي وچ وارو وقت بہ گهڻو قيمتي آهي، ان وقت ذِڪر

ڪرڻ، نماز پڙهڻ مستحب آهي، لهٰذا مغرب کان بعد اوَّابين جا نفل ادا ڪريو ❖ اهڙي طرح رات جو وُضُو ڪري سمهو، بستر تي اچڻ کان پهريان يا بستر تي ليٽي ئي ڪجهه دير ذِڪرُ الله ڪريو، تسبيحِ فاطمہ پڙهو، سورت اِخلاص پڙهي وٺو، سورت فَاتحہ ۽ آيةُالڪرسي پڙهو. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص وُضو ڪري بستر تي ليٽي، الله پاڪ جو ذِڪر ڪندو رهي، ڪندو رهي، ايستائين جو ننڊ اچي وڃي، رات ۾ جڏهن بہ ڪا دُعا گهري، الله پاڪ ان جي دُعا قبول فرمائيندو ❖ پوءِ جڏهن ننڊ مان بيدار ٿئي تہ دُعا پڙهي ❖ اهڙي طرح ڏينهن ۽ رات ۾ ڪيل مختلف ڪمن مثال طور گهر ۾ اچڻ وڃڻ، کائڻ کارائڻ، ڪپڙا پائڻ وغيره جون دُعائون ياد ڪري وٺو، انهن کي پڙهندا رهو.

علّامہ اِبنِ رجب حنبلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو شخص هي عادَت بڻائي وٺي، ان جو شُمار ذِڪرُ الله سان زبان تَر رکڻ وارن ۾ ٿيندو.[1]

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

اي عاشقانِ رسول! نيڪين جو حِرص وڌائڻ، گُناهن کان بچڻ ۽ ذِڪرُ الله جي عادَت بنائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب وڌي حصو وٺو. اِنْ شَآءَ الله الْڪَرِيۡم! دين و دُنيا جون ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون.
ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم نيڪ اعمال بہ آهي. الحمد لله! شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه نہ صرف پنهنجي مُريدن کي بلڪ سڄي دُنيا جي عاشقانِ رسول کي، اسلامي ڀينرن کي، جامعة المدينہ ۽ مدرسة المدينہ ۾ پڙهڻ وارن ۽ وارين کي، اسپيشل پرسنز (يعني گونگن، ٻوڙن ۽ نابينن) کي، حج و عمره جي سعادت ماڻيندڙن خوش نصيبن کي، ايستائين جو جيل جي قيدين کي بہ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بهترين نسخو ڏنو آهي ۽ اهو آهي: رساله نيڪ اَعمَال. اوهان بہ جيبي سائز جو هي مختصر رِسالو مڪتبة المدينہ تان خريد

---

[1]... جَامِعُ العُلُوْم والحِكَم ، صفحه:457 تا 460 ملتقطاً۔

ڪيو، ان کي پڙهو، ان جي مُطابق زِندگي گذاريو ۽ روزانو پنهنجي عملن جو جائزو ونو. اِنْ شَآءَ الله الْڪَرِيْم! گُنَاهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻبو، دِل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو نکرجي خوب صُورت ٿي ويندو.

## مدني بهار

ڪراچي جي علائقي نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: علائقي جي مسجد ۾ امام صاحب جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته هو، ان انفرادي ڪوشش ڪندي (يعني سمجهائيندي) منهنجي وڏي ڀاءُ کي نيڪ اعمال جو رسالو تحفي ۾ ڏنو، ان گهر ڪٽي اچي پڙهيو ته حيران رهجي ويا ته هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي، بس نيڪ اعمال جي رسالي ان جي زندگي ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو، ان جي برڪت سان الحمد لله! ان کي نماز جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضِر ٿي ويو ۽ هاڻي 5 وقت جو نمازي بڻجي چڪو آهي، ڏاڙهي مبارڪ به سجائي ورتي ۽ نيڪ اعمال جو رسالو به پري ٿو.[1]

تُو ولی اپنا بنالے اُس کو ربِّ لم یَزَل | "مدنی اِنعامات" پر کرتا ہے جو کوئی عمل

**نوٽ:** دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اَعْمَال چيو ويندو آهي.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي روزي جي متعلق ڪجھ مدني گل بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو.

## روزو نه ٽوڙڻ واريون شيون

[1]... جنت کے طلب گاروں کے لئے مدنی گلدستہ، صفحہ:14۔

اي عاشقانِ رسول! ❖ **پُل** ۾ ڪاڏو، پيتو يا جماع ڪيو روزو فاسد نہ ٿيو. توڙي اهو روزو فرض هجي يا نفل. ❖ **روزو ياد هجڻ جي باوجود بہ مک، مٿي يا دز يا دونهون نِڙيءَ ۾ هلي وڃڻ سان روزو نہ ٽُٽندو.** ❖ توڙي دز اَٽي جي هجي جيڪا چڪي پيسجڻ يا اٽو ڇاڻڻ ۾ اڏامندي آهي يا اناج جي دز هجي يا هوا سان خاڪ اڏامي يا جانورن جي کُرن يا گهوڙي جي سُنب مان. ❖ **اهڙيءَ** طرح بس يا ڪار جو دونهون يا ان مان دز اڏامي نِڙيءَ ۾ پهتي جيتوڻيڪ روزيدار هجڻ ياد هيو تہ بہ **روزو** نہ ويندو. ❖ : **اگربتي** ٻَري رهي آهي ان جو دونهون نڪ ۾ ويو تہ **روزو** نہ ٽُٽندو. ها جيڪڏهن لوبان يا اگربتي ٻَري رهي آهي ۽ روزو ياد هئڻ جي باوجود منهن ويجهو ڪٽي وجي ان جو دونهون نڪ سان سنگهيو تہ **روزو** فاسد ٿي ويندو. ❖ **غسل** ڪيو ۽ پاڻي جي ٿڌاڻ اندر محسوس ٿي تڏهن بہ **رزو** نہ ٽُٽندو. ❖ **گرڙي** ڪئي ۽ پاڻي بلڪل هاري ڇڏيو رُڳو ڪجھ آلاڻ وات ۾ باقي رهجي ويئي هئي ٿُڪ سان گڏ ان کي ڳيهي ويو، **روزو** نہ ٽُٽندو. ❖ **دوا** ڪٽي ۽ نِڙيءَ ۾ ان جو مزو محسوس ٿيو تہ **روزو** نہ ٽُٽندو. ❖ **ڪن** ۾ پاڻي هليو ويو تڏهن بہ **روزو** نہ ٽُٽندو بلڪ پاڻ پاڻي وِڌو تڏهن بہ **روزو** نہ ٽُٽندو. ❖ **ٿُڪ** يا بلغم وات ۾ آيو پوءِ ان کي ڳيهي ويو تہ **روزو** نہ ويو.

❖ **مک** نِڙيءَ ۾ هلي ويئي تہ روزو نہ ٽُٽو ۽ ڄاڻي واڻي ڳيهي ڇڏيو تہ **روزو** ٽُٽي ويو.

ماهِ رمضان جي فضائل ۽ روزي جي متعلق تفصيلي معلوماتي احڪام ڄاڻڻ جي لاءِ شيخ طريقت، اميراهلسنت جي ماياه ناز ڪتاب فيضان رمضان پڙهو الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد